# معاف ڪرڻ جون

# فضيلتون

26-April-2018

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

((For Islamic Brothers)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# معاف ڪرڻ جون فضيلتون

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن به مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي به شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي ته اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت به صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نه هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. ”فتاويٰ شامي“ ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي ته اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجهه دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جيڪو چاهي **(يعني هاڻي چاهي ته کائي پي يا سمهي سگهي ٿو)**

## دُرُود شريف جي فضيلت

اميرُالمؤمنين حضرت سَيدُنا علي المُرتَضيٰ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه کان رِوايت آهي ته الله ڪريم جَنّت ۾ هڪ وڻ پيدا فرمايو آهي، جنهن جو ميوو صوف کان وڏو، ڏاڙهون کان ننڍو، مکڻ کان نرم، ماکي کان به منو ۽ مُشڪ کان وڌيڪ خُوشبُودار آهي. ان وڻ جون ٽاريون موتين جون، ٿُڙ سون جا ۽ پَن زَبَرجَد جا آهن. ان وڻ جو ميوو صرف اهو ئي کائي سگهندو جيڪو رسولِ پاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي ڪثرت سان دُرُودِ پاڪ پڙهندو. (الحاوي للفتاويٰ،۲/۴۸)

تم سے جہاں کا نظام تم پہ کروروں سلام تم پہ کروروں ثَنا تم پہ کروروں دُرُود

**مختصر وضاحت:** يعني يا رسول **الله** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪائنات جو نظام اوهان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي وجود مسعود جي برڪتن سان ئي قائم ۽ دائم آهي. اوهان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي ڪروڙين سلام هجن. اوهان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي ڪروڙين پيرا تعريف ۽ توصيف جا گل گهوريا وڃن اوهان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي ڪروڙين درودِپاڪ نازل ٿين

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“ **يعني** مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سني نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سنيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## سيدُنا امير مُعاوِيہ ۽ اِبنِ زُبَير رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُمَا

دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اِداري مڪتبة المدينہ جي ڪتاب ”دِين و دُنيا کی انوکھی باتیں“ صَفحي نمبر446 تي آهي: منقول آهي تہ حضرت سَيدُنا عَبدُاللّٰہ بِن زُبَير رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡہُمَا جي هڪ زمين هئي جنهن ۾ سندن جا غلام ڪم ڪندا هئا ۽ پاڻ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡہُ جي زمين سان لڳو لڳ حضرت سَيدُنا اميرِمُعاوِيہ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡہُ جي زمين هئي جتي اُن جا غلام ڪم ڪندا هئا. هڪ ڀيري حضرت سَيدُنا اميرِ مُعاوِيہ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡہُ جو هڪ غلام، حضرت سَيدُنا عبدُ اللّٰہ بِن زُبَير رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡہُمَا حضرت سَيدُنا اميرِ (Letter) پوءِ پاڻ هڪ خَط ,جي زمين ۾ زبردستي گهڙي آيو مُعاوِيہ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡہُ ڏانهن لکيو جنهن ۾ اهو تحرير ڪيائون: ”اوهان جو غلام منهنجي زمين ۾ گهڙي آيو آهي ان کي منع ڪريو. وَالسَّلَام. حضرت سَيدُنا اميرِ مُعاوِيہ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡہُ خط پڙهي هڪ صَفحو ڪٽي خط جو جواب ائين ڏنائون: ”اي حواري رسول (رسولِ خدا صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي وفادار ساٿي) جا صاحبزادا! غلام جيڪو ڪيائين مون کي هن جو اَفسوس آهي ۽ دُنيا جي مون وٽ ڪا حيثيت نہ آهي. مان پنهنجي زمين اوهان کي ڏيان ٿو، تنهنڪري اوهان ان کي پنهنجي زمين ۾ شامل ڪري وٺو ۽ ان ۾ موجود غلام ۽ مال بہ اوهان جو ٿيو. وَالسَّلَام.“ اهو خط جڏهن حضرت سَيدُنا عبدُ اللّٰہ بن زُبَير رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡہُمَا وٽ پهتو تہ پاڻ ان جي جواب ۾ لکيائون: ”مون اميرُالمؤمنين رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡہُ جو خط پڙهيو آهي، اللّٰہ پاڪ سندن ڄمار وڌي ڪري!، اهڙيون شَخصِيتون جيستائين قُريش ۾ موجود آهن قُرَيش جي راءِ بيڪار ٿي نٿي سگهي. اهو خط جڏهن حضرت سَيدُنا اميرِ مُعاوِيہ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡہُ وٽ پهتو تہ پاڻ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡہُ فرمايائون: **”جيڪو مُعاف ڪري ٿو اهو سَرداري ڪري ٿو، جيڪو بُردباري ڪندو آهي اهو عظيم هوندو آهي ۽ جيڪو دَرگُذر ڪري ٿو ماڻهن جون دِليون انهن ڏانهن مائل ٿي ويندیون آهن.“** (دین و دنیا کی انوکھی باتیں،ص۴۴۶ملتقطاًوملخصاً)

نہیں سَرکار! ذاتی دُشمنی میری کسی سے بھی
مری ہے نَفْس و شیطاں سے لڑائی یارسول اللہ

**مختصر وضاحت:** يعني يا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ الله پاڪ جو ڪرم آهي جو منهنجي ڪنهن بہ مسلمان کان ذاتي دشمني ناهي بلڪ منهنجي لڙائي تہ صرف ۽ صرف منهنجي نفس ۽ شيطان مردود کان آهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان تہ! الله وارا ڪيتري قدر عمده خوبين جا مالِڪ هوندا آهن! جن جي شَخصِيت ۾ عاجزي ۽ اِنڪساري، دنيا کان بي رَغبتي، سخاوت، اِيثار، بُردباري ۽ عفو و دَرگُذر جو جذبو تمام گهڻو سمايل هوندو آهي. اهي نيڪ ٻانها رڳو دعوئن ۽ نعرن جي حد تائين ئي محدود ناهن هوندا بلڪ اسلام انهن جي رڳ رڳ ۾ سمائجي چڪو هوندو آهي، اهي حضرات پنهنجي ذات جي لاءِ ڪڏهن بہ ڪنهن کان بدلو نہ وٺندا هئا، بالفرض جيڪڏهن ڪو انهن سان سختي سان پيش بہ اچي ٿو تہ اهي الله وارا پاڻ کان ٻاهر نڪرڻ جي بدران پنهنجي مَدّ مقابِل سان بہ شفقت ۽ مهرباني وارو سُلوڪ ئي ڪندا آهن، اهو ئي سبب آهي جو اڄ سڄي دنيا ۾ انهن جي شان ۽ عظمت جا ڳڻ ڳائجي رهيا آهن، جڏهن هنن عظيم هستين جو مبارڪ ذِڪر ٿيندو آهي تہ زبانن تي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه يا رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جاري ٿي ويندو آهي. اي ڪاش! هنن عظيم هستين جي صَدقي ۾ ربّ ڪريم اسان مسلمانن کي بہ مُعاف ڪري ۽ مُعاف ڪرڻ ۽ ان جو ثواب حاصل ڪرڻ جي سعادت ماڻڻ جو جذبو نصيب عطا فرمائي.

ياد رهي! ڪاوڙ کي پي وڃڻ ۽ ماڻهن سان دَرگُذر ڪرڻ اهڙو بهترين عمل آهي، جو جيڪو خوش نصيب مسلمان هي عمل ڪندو آهي ان جو شُمار رَبّ ڪريم جي پسنديده ٻانهن ۾ ٿيندو آهي، جيئن

سيپارو 4 سوره اٰلِ عِمران جي آيت نمبر 134 ۾ خُداءِ حنّان و منّان جو فرمانِ عاليشان آهي:

وَ الۡكٰظِمِيۡنَ الۡغَيۡظَ وَ الۡعَافِيۡنَ عَنِ النَّاسِ ؕ وَاللّٰهُ يُحِبُّ الۡمُحۡسِنِيۡنَ ﴿۱۳۴﴾

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ غصو پيئڻ وارا ۽ ماڻهن کي درگذر ڪرڻ وارا ۽ نيڪ ماڻهو **الله** (عَزَّوَجَلَّ) جا محبوب آهن.

اهڙي طرح سيپارو 18 سُوره نُور جي آيت نمبر22 ۾ اِرشاد آهي:

وَ لۡيَعۡفُوۡا وَ لۡيَصۡفَحُوۡا ؕ اَلَا تُحِبُّوۡنَ اَنۡ يَّغۡفِرَ اللّٰهُ لَكُمۡ ؕ وَاللّٰهُ غَفُوۡرٌ رَّحِيۡمٌ ﴿۲۲﴾

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ گهرجي تہ معاف ڪن ۽ درگذر ڪن ڇا توهان ان ڪي دوست نہ ٿا رکو تہ **الله** توهان جي بخشش ڪري ۽ **الله** بخشڻهار مهربان آهي.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو! ماڻهن جي غلطين کي درگذر ڪرڻ ربّ ڪريم کي گهڻو پسند آهي. ياد رهي! شيطان اِنسان جو اَزَلي دشمن آهي، انَ کي هرگز اهو پسند ناهي تہ مسلمان پاڻ ۾ مُتَّحِد (United) رهن، هڪ ٻي جي خير خواهي ڪن، هڪ ٻي جي عزّت ۽ ناموس جا مُحافِظ بڻجن، هڪ ٻي جي غَلَطين کي نظر انداز ڪن، پنهنجي اندر برداشت جو مادو پيدا ڪن، پنهنجا حق مُعاف ڪن، ٻين جي حقن جو لحاظ رکن، هڪ ٻي سان تعاوُن ڪن وغيره، ڇوتہ جيڪڏهن ائين ٿي ويو تہ مُعاشَرو اَمن جو گهوارو بڻجي ويندو ۽ شيطان ناڪام و نامراد ٿي ويندو. ان ڪري هو مسلمانن کي مُعاف ڪرڻ ۽ غُصّي تي قابو آڻڻ نٿو ڏي، تنهنڪري شيطان جي مُخالَفَت ڪندي ان جي وار کي ناڪام بڻايو ۽ دَرگُذر ڪرڻ اِختيار ڪريو. ياد رهي! ڪنهن مسلمان سان غَلَطي ٿيڻ تي ان کي معاف ڪرڻ جيتوڻيڪ نفس تي نهايت دشوار آهي، پر جيڪڏهن اسان عَفو و دَرگُذر جي فضيلتن کي پيشِ نظر رکنداسين تہ اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ **الله** پاڪ جي طرفان اِنعام و اِڪرام جا حقدار بہ ٿينداسين. اچو! هن باري ۾ 5 احاديثِ مُبارَڪ ٻڌو ۽ ماڻهن کي معاف ڪرڻ جو جذبو پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪيو.

## ماڻهن سان درگزر ڪرڻ جي فضيلت

(1) پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايائون: ٽي ڳالهيون جنهن شخص ۾ هونديون **الله** تعاليٰ قِيامت جي ڏينهن ان جو حِساب تمام آسان طريقي سان

ونندو ۽ ان کي پنهنجي رَحمَت سان جنَّت ۾ داخل فرمائيندو. صحابہ ڪِرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اهي ڪهڙيون ڳالهيون آهن؟ ارشاد فرمايائون: ﴿1﴾ جيڪو توهان کي مَحرُوم ڪري، توهان ان کي عطا ڪريو ﴿2﴾ جيڪو توهان سان تعلق ٽوڙي توهان ان سان جوڙيو ﴿3﴾ جيڪو توهان تي ظلم ڪري توهان ان کي معاف ڪريو.

(معجم اوسط،۱۸/۴،حديث :۵۰۶۴)

(2) فرمايائون: ”قيامت جي ڏينهن اعلان ڪيو ويندو: جنهن جو اجر الله پاڪ جي ذمهءِ ڪرم تي آهي، اهو اٿي ۽ جنّت ۾ داخل ٿي وڃي. پُڇيو ويندو: ڪنهن جي لاءِ اجر آهي؟ اعلان ڪندڙ چوندو: انهن ماڻهن جي لاءِ جيڪي مُعاف ڪرڻ وارا آهن، تہ هزارين ماڻهو اُٿي بيهندا ۽ بنا ڪنهن حساب جي جنّت ۾ داخل ٿي ويندا.“ (معجم اوسط ،۵۴۲/۱،حديث:۱۹۹۸)

(3) فرمايائون: جيڪو ڪنهن مسلمان جي غَلَطي کي مُعاف ڪندو قِيامت جي ڏينهن اللهپاڪ ان جي غَلَطي کي مُعاف فرمائيندو.

(ابن ماجه،ڪتاب التجارات،باب الاقالة، ۳ /۳۶،حديث:۲۱۹۹)

(4) فرمايائون: هر دور ۾ منهنجي بهترين اُمّتين جو تعداد پنج سو (500) آهي ۽ اَبدال چاليهہ (40) آهن، نہ پنج سو (500) مان ڪوئي گهٽ ٿيندو آهي ۽ نہ ئي چاليهہ (40) مان، جڏهن چاليهن (40) اَبدالن مان ڪنهن جو اِنتقال ٿيندو آهي تہ ربّ ڪريم پنج سو(500) مان هڪ کي ان فوت ٿيڻ واري اَبدال جي جڳهہ تي مُقَرَّر ڪندو آهي ۽ ائين 40 جي ڪمي پوري ڪندو آهي، عَرض ڪيو ويو: اسان کي انهن جي عملن جي باري ۾ اِرشاد فرمايو. فرمايائون: ظُلُم ڪرڻ واري کي مُعاف ڪن ٿا، بُرائي ڪرڻ واري سان ڀلائي سان پيش اچن ٿا ۽ الله پاڪ جيڪو ڪجهہ اُنهن کي عطا ڪيو آهي ان مان ماڻهن جي غم خواري ڪن ٿا. (حلية الاولياء،۱/ ۳۹، حديث :۱۵)

(5) هڪ شخص بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين: يارسولَ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان نوڪر کي گهڻا ڀيرا معاف ڪريون؟ پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خاموش رهيا، ان وري اهو سوال پڇيو، پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وري ماٺ رهيا، جڏهن ٽيون ڀيرو سُوال ڪيائين ته ارشاد فرمايائون: روزانو سَتَّر (70) ڀيرا.

(ترمذي،كتاب البر ولصلة ،باب ما جاء في العفو عن الخادم،۳۸۱/۳،حديث:۱۹۵۶)

حڪيمُ الأُمَّت حضرت مفتي اَحمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هن حديثِ پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: عربيءَ ۾ ”سَتَّر“ جو لفظ زيادتي بيان ڪرڻ جي لاءِ هوندو آهي، يعني هر روز ان کي گهڻو معاف ڪريو. اهو ان صُورت ۾ جڏهن ته غلام کان ڀل ۾ غَلطي ٿي ويندي هجي، نفس جي شرارت جي ڪري نه هجي ۽ قصور به مالڪ جو ذاتي هجي، شَرِيعت جو يا قومي ۽ ملڪي قصور نه هجي جو اهي قصور مُعاف نه ٿا ڪري سگهجن. (مرآة المناجيح،۱۷۰/۵)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو ته ماڻهن کي مُعاف ڪرڻ ڪيتري قدر بهترين عمل آهي جنهن جون دُنيا ۾ ته بَرَڪتون نصيب ٿينديون آهن پر آخرت ۾ به اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي بَرَڪت سان جنّت جي خوشخبري سان نوازيو ويندو. ته ڪيترا خوش قسمت آهن اهي مسلمان جيڪي طاقت ۽ قدرت جي باوجود به ماڻهن جي خطائن کي پنهنجي نفساني ضِد جو مَسئلو نٿا ناهن بلڪ مُعاف ڪري ثواب جو خزانو ماڻن ٿا. پر افسوس! اڄ جيڪڏهن اسان کي ڪو معمولي تڪليف به پهچائي يا ڪجهه بداَخلاقي جو مظاهرو ڪري ته اسان عَفو و دَرگُذر جو دامن هٿن مان ڇڏي ڏيندا آهيون، ان جا دُشمن بڻجي ويندا آهيو ۽ مختلف طريقن سان ان کان بدلو وٺڻ جي ڪوشش ڪيون ٿا، جيئن ته جيڪڏهن اسان رحمتِ ڪونين، ناناءِ حَسَنَين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پاڪيزه سيرت جو مطالَعو ڪريون ته اسان تي

روزِ روشن جيان واضح ٿي ويندو ته پاڻ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم بُرائي جو بدلو بُرائي سان نه ڏيندا هئا بلڪ مُعاف فرمائي ڇڏيندا هئا جيئن ته

## شان مصطفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

اُمُّ المُؤمِنِين، حضرت سيّدَتُنَا عائشه صِدِّيقه رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡهَا فرمائن ٿيون ته رسولِ اڪرم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم نه عادةً خراب ڳالهيون ڪندا هئا ۽ نه ئي تَڪلُّفًا، ۽ نه بازارن ۾ گوڙ ڪرڻ وارا هئا ۽ نه ئي برائي جو بدلو برائي سان ڏيندا هئا بلڪ پاڻ سڳورا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم معاف ۽ درگذر ڪري ڇڏيندا هئا.

(سُنن تِرمذي ج 3 ص 409 حديث 2023)

جنهن جو شاندار مثال مڪي جي فتح جو واقعو آهي، مڪي شريف جي فتح ٿيڻ کان پهريان جن ڪافرن جي طرفان رسول اڪرم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي ۽ صحابهٔ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان تي زمين تنگ ڪئي وئي هئي، طرح طرح جون دَردناڪ تڪليفون ڏنيون ويون، مڪو فتح ٿيڻ ۽ مسلمانن کي غَلَبو حاصل ٿيڻ بعد بين قيدين سان گڏوگڏ انهن خونخوار درندن کي به گرفتار ڪري بارگاهِ مُصطَفٰي ۾ حاضر ڪيو ويو هو، جيڪڏهن ان موقعي تي ڪو بيو دُنيوي شهنشاهه هجي ها ته شايد انهن جي لاءِ سخت کان سخت سزائون تجويز ڪري ها، پر قربان وڃون! نبي اڪريم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم انهن کي به معافي سان نوازي ڇڏيو: جيئن ته

جان کے دُشمن خون کے پیاسوں کو بھی شہرِ مکّہ میں
عام مُعافی تم نے عطا کی کتنا بڑا احسان کیا

## فتح مڪ جي ڏينهن عام مُعافي جو اعلان

دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اِداري مڪتبةُ المدينه جي ڪتاب ”سيرتِ مُصطفيٰ“ جي صفحي 437 تي آهي ته ٨ هجري ۾ جڏهن مڪو فتح ٿيو ته رحمت عالم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم شَهنشاهه اسلام جي حَيثيت سان حرمِ الٰهي ۾ سڀ کان پهريون دربارِ عام مُنعَقِد فرمايو، جنهن ۾ اِسلامي فوج جي علاوه هزارين

اسلام جي دُشمنن جو هڪ وڏو هجوم هو. ان شَهنشاهي خُطبي ۾ رسول اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رڳو مڪي وارن کي ئي نه بلڪ سيني ماڻهن کي عام خطاب فرمايو. خُطبي کان پوءِ شَهنشاهه ڪونين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان هزارن جي ميڙ ۾ هڪ گهري نگاهه وڌي ته ڏٺائون ته ڪنڌ جُهڪائي، نگاهون هيٺ ڪري، خوف ۽ ڊپ ۾ قريش جا سردار بيٺل آهن. انهن ظالمن ۽ جَفاڪارن ۾ اهي ماڻهو به ها، جنهن پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي راهن ۾ ڪنڊا وڇايا، اهي ماڻهو به ها جيڪي ڪيئي ڀيرا حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي پٿرن جي بارش ڪري چڪا ها. اهي خُونخَوار به ها جنهن بار بار سندن تي قاتِلاڻا حملا ڪيا ها، اهي بي رحم ۽ بي دَرد به ها، جن مُبارَڪ ڏندن (جي ڪجهه حصّي) کي شهيد ۽ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ چهري کي رتو رت ڪيو هو. اهي بد معاش به هئا جن سالن تائين پنهنجي بُهتانن ۽ شرمناڪ گارين سان پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قَلبِ مُبَارَڪ کي زَخمي ڪري چڪا هئا. اهي بي رحم ۽ دَرِنده صِفَت به هئا، جن سندن ڳچي ۾ چادر جو ڦندو وجهي پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ڳلو گهٽي چڪا هئا. اهي آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خُون جا پياسا به هئا، جن جي اُڃ نُبُوَّت جي رت کان سواءِ ڪنهن شيءِ سان ختم نه ٿئي هئا. اهي جَفاڪار ۽ خُونخوار به ها جن جي سخت حملن ۽ ظالماڻي يلغار سان بار بار مدينه مُنوَّره جا دَر ۽ دِيوار لڏي چڪا هئا. حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري چاچي، حضرت سَيِّدُنا حمزه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہ جي قاتل ۽ سندن نڪ، ڪن ڪٽڻ وارا، سندن اکيون ڪڍڻ وارا، سندن جگر چباڻڻ وارا به ان مَجمَع ۾ مَوجُود ها، اهي سِتم گار جنهن شَمعِ نُبُوَّت جي جان نثار پروانن حضرت بلال، حضرت صُهيب، حضرت عَمّار، حضرت خَبّاب، حضرت خُبَيب، حضرت زيد بن دَثِنَّہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡھُم وغيره کي رَسّين سان ٻڌي ڪري ڪوڙا هڻي هڻي تپندڙ ريت تي لٽايو هو، ڪنهن کي باهه جي ٻرندڙ ڪوئلن تي سُمهاريو هو، ڪنهن کي فراسين ۾ ويڙهي ناسن ۾ دونهان ڏنا ها، سوين ڀيرا ڳلو دٻايو هو. اڄ اهي سڀ جا سڀ ڏهه (10)، ٻارهن (12) هزار مُهاجرن ۽ اَنصار جي لشڪر جي حِراست ۾ مُجرِم بڻجي ڏڪي رهيا ها ۽ پنهنجي دلين ۾

هي سوچي رهيا هئا تہ شايد اڄ اسان جي لاشن کي ڪتّن جي حوالي ڪري اسان جون ٻوٽيون سِرڻن ۽ ڪانون کي ڪارايون وينديون ۽ اَنصار ۽ مُهاجرين جي غَضَب ناڪ فوج اسان جي ٻار ٻار کي مٽي ۾ رت ۾ مِلائي اسان جي نَسلن کي نِيست و نابُود ڪري وجهندي ۽ اسان جي بستين کي تاخت و تاراج (تباهہ ۽ برباد) ڪري ويران ڪري ڇڏيندا، انهن مُجرمن جي سِينن ۾ خوف ۽ هراس جو طُوفان اٿي رهيو هو. دَهشَت ۽ ڊپ سبب انهن جي بدنن جو هر حصو ڏڪي رهيو هو، دل ڌڙڪي رهيا ها، تمام گهڻو خوف ڇانيل هو. انهيءَ مايوسي ۽ نااُمّيدي جي خطرناڪ فَضا ۾ هڪ دَم شَهنشاهِ رِسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رحمت ڀري نگاهہ انهن ڏانهن مُتوَجِّہ ٿي ۽ اُن مُجرِمن ڪان پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڇيو تہ ٻڌايو! توهان کي ڪجهہ معلوم آهي تہ اڄ مان توهان سان ڪهڙو مُعامَلو ڪرڻ وارو آهيان؟ ان دَهشَت اَنگيز ۽ خوفناڪ سوال سان مُجرِم حواس وڃائي ڏڪڻ لڳا، پر رحمت ڀري پيشاني کي ڏسي سڀ گَڏجي هڪ زبان ٿي چوڻ لڳا تہ اوهان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وڏي ڪرم وارا آهيو.

سيني جون نماڻيون نگاهون جَمالِ نُبُوّت ڏانهن ڏسي رهيون هيون ۽ سيني جا ڪن شهنشاهِ نُبُوّت جي مبارڪ فيصلي وارو جواب ٻڌڻ جي انتظار ۾ هئا جو يڪدم فاتحِ مڪہ رحمت واري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي ڪريماڻي لهجي ۾ ارشاد فرمايو: لَاتَثْرِيْبَ عَلَيْكُمُ الْيَوْمَ فَاذْهَبُوْا اَنْتُمُ الطُّلَقَآءُ اڄ توهان تي ڪو اِلزام ناهي، وڃو توهان سڀئي آزاد آهيو.

بالڪل غير مُتوقع طور تي اوچتو هي فرمانِ رِسالت ٻڌي سيني مُجرِمن جون اکيون شرمساري وچان اَشڪبار ٿي ويون ۽ انهن جي زبانن تان نڪرندڙ لَآاِلٰہ اِلَّا الله مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ الله جي نعرن سان حرمِ ڪعبہ جي در ۽ دِيوار تي هر طرف نور جي بارش ٿيڻ لڳي ۽ هڪ دَم ائين محسوس ٿيڻ لڳو تہ

جہاں تاریک تھا، بے نُور تھا اور سخت کالا تھا
کوئی پردے سے کیا نکلا کہ گھر گھر میں اُجالا تھا [1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن اسان انبياء ۽ مرسلين عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام، صحابہ ۽ تابعين رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُمْ اَجْمَعِيْن سان گڏو گڏ بُزرگانِ دِين رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْهِمْ اَجْمَعِيْن جي سيرت جو مُطالَعو ڪريون تہ اتي انهن جي سيرت کان بہ اسان کي دَرگُذر جي حوالي سان ڪوڙ مدني گل ملندا، الله پاڪ پنهنجي انهن مُقَرَّب ٻانهن کي جتي ٻين ڪيترن بي مثال خوبين سان سَرفراز ڪندو آهي، اتي اها خوبي بہ انهن جي ڪردار جو حِصّو هوندي آهي تہ اهي حضرات ماڻهن کي معاف ڪندا هئا ۽ حُقوقُ العباد جي بجا آوري ۾ ڪوتاهي نہ ڪندا هئا، ماڻهو انهن جا حق دٻائي ڇڏيندا هئا پر اهي حضرات ماڻهن جي حقن جي ادائيگي کان ڪڏهن غافِل نہ ٿيندا هئا، نادان ماڻهو انهن کي طرح طرح جون تڪليفون ڏيندا هئا پر اهي بزرگ اُنهن کي سر جو جواب پٿر سان ڏيڻ ۽ نَفس خاطِر غُصّو ڪرڻ جي بدران انهن کي دعائون ڏيندا هئا ۽ مُعافي سان نوازي ثواب جو خزانو ماڻيندا هئا. اچو! ترغيب خاطر هن باري ۾ 3 نصيحت آموز حڪايتون ٻڌون ٿا، جيئن تہ

## (1) غلام کي آزاد ڪري ڇڏيو!

حضرت سَيدنا امام حَسَن مجتبيٰ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْه هڪ ڀيري ڪجھ مهمانن سان گڏ ماني کائي رهيا هئا، غلام گرم گرم شوربي جو پيالو آڻي رهيو هو تہ ان جي هٿان پيالو ڪريو جنهن سبب شوربي جا ڇنڊا سندن تي بہ پيا. اهو ڏسي غلام گھبرائجي ويو ۽ شرمساري واري لهجي ۾ ان سوره اٰلِ عمران جي آيت نمبر 134 جو اهو حِصّو تلاوت ڪيو:

---

[1] ... سيرتِ مصطفى، ۴۳۷تا۴۴۱ملخصاً

وَ الۡكٰظِمِيۡنَ الۡغَيۡظَ وَ الۡعَافِيۡنَ عَنِ النَّاسِ ؕ

ترجموڪنزالايمان: ۽ غصو پيئڻ وارا ۽ ماڻھن کي درگذر ڪرڻ وارا

پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡه فرمايائون: مون مُعاف ڪيو. غلام وري ساڳي آيت جو آخري حِصّو پڙھيو:

وَ اللّٰهُ يُحِبُّ الۡمُحۡسِنِيۡنَ ﴿۱۳۴﴾

ترجموڪنزالايمان: ۽ نيڪ ماڻھو الله (عَزَّوَجَلَّ) جا محبوب آھن.

پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡه فرمايائون: مون توکي الله پاڪ جي رضا جي لاءِ آزاد ڪيو.
(روح البيان،آل عمران ،٢/ ٩٥،تحت الأية:١٣٤ملخصاً)

## (2) ظلم ڪرڻ واري کي بہ دعا ڏنائون

دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اِداري مڪتبة المدينہ جي ڪتاب **”اِحياء العلوم“** جلد 3 جي صفحي نمبر 216 تي آھي: ھڪ ڀيري حضرت سَيِّدُنا اِبراھيم بن اَدھم رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه ڪنھن ريگستان ڏانھن ويا تہ اتي پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه کي ھڪ سِپاھي مليو، ان چيو ڇا توھان غلام آھيو؟ فرمايائون: ھا! ان چيو: بستي ڪھڙي پاسي آھي؟ پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه قبرِستان ڏانھن اِشارو ڪيائون. سِپاھي چيو: مان بستي(آباديءَ) بابت پڇي رھيو آھيان. فرمايائون: اھو تہ قبرستان ئي آھي. اھو ٻڌي ان کي ڪاوڙ آئي ان ڪوڙو سندن مٿي تي ھنيو ۽ زخمي ڪري پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه کي شھر ڏانھن وٺي ويو. پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي ساٿين ڏٺو تہ سِپاھي کان پڇيائون: ھي ڇا آھي؟ سِپاھي اھو واقعو بيان ڪيو. اُنھن سپاھي کي ٻڌايو ھي تہ (زماني جا وَلي) حضرت سَيِّدُنا اِبراھيم بن اَدھم رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه آھن. ھي ٻڌي اھو گھوڙي تان لٿو ۽ سندن رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جا ھٿ پير چمندي مَعذِرَت ڪرڻ لڳو. اوھان کان پڇيو ويو: اوھان اھو ڇو چيو تہ مان غلام آھيان. فرمايائون: ان (سپاھي) مون کان ھي نہ پڇيو تہ توھان ڪنھن جا غلام آھيو؟ بلڪ صِرف اھو پڇيو تہ توھان غلام آھيو؟ تہ مون چيو: ھا! ڇوتہ مان **ربّ ڪريم جو**

**غلام(يعني ٻانهو) آهيان.** جڏهن ان منهنجي مٿي تي هنيو ته مون الله پاڪ کان ان جي لاءِ جنّت جو سُوال ڪيو. عَرض ڪيو ويو: ان اوهان تي ظُلم ڪيو ته اوهان ان جي لاءِ دعا ڇو گهري؟ فرمايائون: **مون کي هي معلوم هو ته تڪليف برداشت ڪرڻ تي مون کي ثواب ملندو تنهنڪري مون اهو مناسب نه سمجهيو ته مون کي ته ثواب ملي ۽ هو عذاب ۾ گرفتار ٿي وڃي.** (احياء العلوم، ۲۱۶/۳ملخصاً)

## (3) معاف ڪرڻ قدرت کان بعد ئي ٿيندو آهي!

حضرت سَيدُنا مَعمَر بن راشِد رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه بَيان ڪن ٿا ته هڪ شخص حضرت سَيدُنا قَتاده بن دِعامه رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي صاحبزادي کي زوردار چماٽ هنئي. پاڻ بِلال بن اَبِي بُردَه کان ان جي خلاف مدد گهري پر ان ڪو تَوجهه نه ڏنو، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ڪسريٰ سان شڪايت (Complain) ڪئي ته ان بِلال بن اَبِي بُردَه ڏانهن لکيو: تون ابُوخطاب حضرت سَيدُنا قتاده بِن دِعامه رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه سان اِنصاف ناهي ڪيو. پوءِ بِلال بن اَبِي بُردَه چماٽ هڻڻ واري کي گهرايو ۽ بَصره جي سَردارن کي به سڏرايو. اهي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کان ان شخص جي سفارش ڪرڻ لڳا پر پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه سِفارِش قَبول نه ڪئي ۽ پٽ کي فرمايائون: تون به ساڳي طرح هن کي چماٽ هڻ جهڙي طرح ان تون کي هنئي هئي ۽ فرمايائون: پٽ! آستينون مٿي ڪري ونو ۽ هٿ بلند ڪري زوردار چماٽ هڻ. پوءِ پٽ آستينون مٿي ڪيون ۽ چماٽ هڻڻ جي لاءِ هٿ مٿي ڪيو ته پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ان جو هٿ پڪڙي ورتو ۽ فرمايائون: **"اسان الله جي رضا جي لاءِ ان کي مُعاف ڪيو ڇوته چيو ويندو آهي ته مُعاف ڪرڻ قُدرت کان بعد ئي ٿيندو آهي."**
(الله والوں کی باتیں،۵۱۹/۲)

ہمیشہ ہاتھ بھلائی کے واسطے اُٹھّیں بچانا ظلم و ستم سے مجھے سدا یاربّ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ''هفتيوار سنتن پريو اجتماع''

سُبْحٰنَ اللّٰـه عَزَّوَجَلَّ! پڙو اوهان ته! الله ڪريم جي نيڪ ٻانهن ۾ مُعاف ڪرڻ جو مَدَني جذبو ڪيتري قدر گهڻو هوندو آهي، تنهنڪري اسان کي گهرجي ته اسان به نَفس جي خاطِر غُصّو ڪرڻ بدران ماڻهن کي مُعاف ڪري خوب خوب ثواب ڪمايون. اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول اسان کي حقوق العباد کي ادا ڪرڻ ۽ ماڻهن جي غَلَطين کي مُعاف ڪرڻ جو ذِهن عطا ڪري ٿو تنهنڪري هنن خوبين سان آراسته ٿيڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته رهو ۽ ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصو وٺو، ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم **”هفتيوار سُنّتن پريو اِجتِماع“** به آهي، اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن مدني ڪم جا بيشمار دُنيوي ۽ اُخروي فائدا آهن، مثلاً **هفتيوار سُنّتن پريي اِجتِماع** جي برڪت سان مسجد ۾ حاضري جي سعادت حاصل ٿيندي آهي. ★ **هفتيوار سُنّتن پريي اِجتِماع** جي برڪت سان مسلمانن سان ملاقات ۽ سلام جي سُنَّت عام ٿيندي آهي. ★ **هفتيوار سُنّتن پريي اِجتِماع** جي برڪت سان علمِ دِين سان مالامال قِيمتي مدني گل اُمّتِ مسلمه تائين پهچايا ويندا آهن. ★ **هفتيوار سُنّتن پريي اِجتِماع** ۾ بي نمازين کي نمازي بڻائڻ لاءِ گهڻو مددگار آهي. ★ **هفتيوار سُنّتن پريي اِجتِماع** برڪت سان دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول جي تشهير ۽ نيڪ نامي ٿيندي آهي. ★ **هفتيوار سُنّتن پريي اِجتِماع** ۾ گهريون ويندڙ دُعائون قبول ٿينديون آهن .☆ **هفتيوار سُنّتن پريي اِجتماع** ۾ انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلٰوة وَالسَّلام، صحابَہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان ۽ اَولِياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيهِم اَجْمَعِين جي سيرتِ مبارڪ تي به سنتن پريا بيان ٿيندا آهن. جيڪي خوش نصيب عاشقان رسول **هفتيوار سُنّتن پريي اِجتِماع** ۾ شرڪت ڪندا آهن. امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه انهن کي ائين دعائن سان نوازيندا رهندا آهن.

جو پابند ہے اِجتماعات کا بھی میں دیتا ہوں اُس کو دعائے مدینہ

اچو! تَرغِيب طور هفتيوار اِجتِماع ۾ حاضِري جي هڪ مَدَني بَهار ٻڌو ۽ اِجتِماع ۾ پابندي سان حاضِر ٿيڻ جي نِيت ڪريو. جيئن

## غفلت جي خواب مان بيداري

ڪڙي شريف (ڪشمير) جي هڪ عَلائقي پُل عطاري (پُل مَندا) ۾ رهائشي اسلامي ڀاءُ دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابستگي کان پهريان بي عَمَلي جي زندگي گذاري رهيو هو. نماز روزن جي مُعامَلي ۾ سُستي ڪرڻ ۽ بَداَخلاقي سان پيش اچڻ ان جو معمول ٻڻجي چُڪو هو. نہ حُقُوقُ اللهِ جو احترام هو نہ ئي حُقوق العِباد يعني ٻانهن جي حقن جو لحاظ. دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابستہ اسلامي ڀاءُ ان کي هفتيوار سُنّتن ڀري اِجتماع جي دعوت پيش ڪندا هئا پر اهو ٽاري ڇڏيندو هو ۽ ائين شرڪت کان محروم رهندو هو، انهيءَ غفلت جي عالَم ۾ ڪم و بيش 10 سال گذري ويا. هڪ دفعي ان جي هڪ دوست (Friend) ان کي ٻڌايو تہ هو دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سُنّتن ڀري اِجتماع ۾ ڪڙي شريف ويو هو، جتي ان کي گهڻو سُرور مِليو. اُن هفتيوار سُنّتن ڀري اِجتماع جي اهڙي منظر ڪشي ڪئي جو اُن جي دل ۾ بہ شرڪت جي خواهش پيدا ٿي، ان پنهنجي ساٿي دوست سان جڏهن پنهنجي هن خواهش جو اِظهار ڪيو تہ هو گهڻو خوش ٿيو ۽ ايندڙ هفتي هو ان سان گڏ هفتيوار سُنّتن ڀري اِجتماع ۾ پهتا. اِجتماع ۾ اُن کي گهڻو سُڪون مليو. پُرسوز بَيان ۽ رِقّت اَنگيز دعا سان دل ۾ گهڻو اَثر ٿيو، پوءِ هو بہ پابندي سان هفتيوار سُنّتن ڀري اِجتماع ۾ شريڪ ٿيڻ لڳو. ائين مسلسل عاشقانِ رسول جي صحبت جي بَرَڪت سان اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اُن جو چهرو سنّت جي مطابق هڪ مُٺ ڏاڙهي سان سينگارجي ويو. رَمَضانُ المبارَڪ ۾ اِجتماعي اِعتڪاف جون بَرَڪتون ماڻڻ جو موقعو مليو ۽ هو بہ سُنّتن ڀريي ماحول ۾ رچي ويو. الله ڪريم اُن کي اِستقامت عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

عطائے حبیبِ خدا مَدنی ماحول ہے فَیضانِ غَوث و رضا مَدنی ماحول
سنور جائیگی آخِرت اِنْ شَآءَ اللہ تم اپنائے رکھو سدا مَدنی ماحول
سلامت رہے یا خدا مَدنی ماحول بچے نظرِبد سے سدا مَدنی ماحول

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيئن جيئن اسان زمانہ رسالت کان پري ٿيندا پيا وڃون اسان جي دلين مان مسلمانن کي مُعاف ڪرڻ جو جذبو تقريباً ختم ٿيندو پيو وڃي، جڏهن تہ اسان پاڻ بہ سڄي ڏينهن ۾ ڪيترين غَلَطيون ڪندا هونداسين، مسلمانن جا حق ضائع ڪندا هونداسين، انهن جون دليون ڏکائيندا هونداسين، انهن سان يا انهن سان تَعَلُّق رکڻ وارين شين کي نقصان پهچائيندا هونداسين، پر ماڻهو اسان جو مَنصَب، رُتبو يا بزرگي وغيره جو لحاظ ڪندي اسان کي معاف ڪندا هوندا، پر افسوس! اسان تہ مسلمانن جي غَلَطين کي مُعاف ڪرڻ پنهنجي زندگي جي ڊڪشنري مان ڄڻ تہ ڪنهن حرفِ غلط وانگر مٽائي ڇڏيو آهي، جڏهن تہ الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن جي عَفْوو دَرگُذر جو اهو عالَم هوندو آهي جو اهي گار ڏيڻ واري جي بہ مَعذِرَت قبول ڪري ان کي مُعافي سان نوازيندا هئا، جيئن حضرت سَيدُنا امام حَسَن مجتبيٰ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه فرمائن ٿا: لَوْاَنَّ رَجُلًا شَتَمَنِیْ فِیْ اُذُنِیْ هٰذِهٖ، وَاعْتَذَرَ اِلَیَّ فِیْ اُذُنِی الْاُخْرٰی لَقَبِلْتُ عُذْرَهٗ يعني جيڪڏهن ڪو منهنجي هڪ ڪن ۾ گار ڏئي ۽ ٻي ڪن ۾ معافي گهري تہ مان ضَرور ان جي مَعْذِرَت قبول ڪندس. (بهجة المجالس وانس المجالس لابن عبدالبر، ٢/ ٤٨٦) اي ڪاش! مسلمانن جي غَلَطين کي مُعاف ڪرڻ جي اها مَدَني سوچ اسان کي بہ نصيب ٿئي. جيتوڻيڪ اهي ڪم نَفس تي دُشوار ضرور آهن پر جڏهن اِرادا مضبوط هجن تہ مشڪل کان مشڪل ڪم بہ انتهائي آسان ٿي ويندا آهن. البت ڪڏهن ڪڏهن ڪجهہ اهڙيون رڪاوٽون اچي وينديون آهن جيڪي اِنسان کي مُعاف ڪرڻ کان روڪينديون آهن، تنهنڪري انسان کي گهرجي تہ هو

انهن رُڪاوٽن کي پري ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪري. اچو! ڪجھ رُڪاوٽن جي باري ۾ ٻڌون ٿا، جيئن ته

## پهرين رڪاوٽ: تڪبر

مُعاف ڪرڻ ۾ وڏين رُڪاوٽن مان سڀ کان وڏي رُڪاوٽ غُرور و تَڪبُّر بہ آهي. تَڪبُّر جي تعريف هي آهي تہ انسان پنهنجو پاڻ کي ٻين کان اَفضل سمجهي. (المُفرَدات للرّاغب ص۶۹۷) تَڪبُّر ۾ مُبتَلا انسان ماڻهن کي مُعاف ڪرڻ پنهنجي بي عزتي تَصَوُّر ڪندو آهي، هو سمجهندو آهي تہ مُعاف ڪرڻ منهنجي وَقار جي خلاف آهي، ان طرح تہ منهنجو شان گهٽجي ويندو، ماڻهو ڇا چوندا وغيره. ياد رکو! مُعاف ڪرڻ سان هرگز عزت ۾ ڪمي ناهي ايندي بلڪ پهريان کان ڪيئي ڀيرا وڌي ويندي آهي،جيئن تہ

## مُعاف ڪرڻ سان عزّت وڌندي آهي

نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ رَحمت نشان آهي: صَدَقو ڏيڻ سان مال گهٽ ناهي ٿيندو ۽ انسان ڪنهن جو قُصُور مُعاف ڪري تہ الله پاڪ ان (مُعاف ڪرڻ واري) جي عزّت ئي وڌائيندو ۽ جيڪو الله ڪريم جي لاءِ تواضُع (يعني عاجِزي) ڪري، الله پاڪ ان کي بُلندي عطا فرمائيندو. (مسلم،کتاب البروالصلة والآداب،باب استحباب العفو والتواضع،ص۱۰۷۱،حديث:۲۵۸۸ )

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اَميرِ اَهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو شمار انهن نيڪ ٻانهن ۾ ٿيندو آهي جن جي سُنّتن ڀرين بيان ۽ تحريرن جي ذريعي مسلمانن معافي گهرڻ، مُعاف ڪرڻ ۽ حُقوق العباد جي بجا آوري ڪرڻ سکي آهي. پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ کي ٻڌڻ ۽ ڏسڻ وارن ڪيئي ڀيرا ٻڌو ۽ ڏٺو آهي تہ پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ پنهنجا سمورا حق مُعاف (Forgave) ڪري چڪا آهن ۽ ٻين کان بہ حق مُعاف ڪرڻ جي عاجزانہ اِلتجائون ڪيون آهن. اهو ئي انداز سندن تحريرن ۾ بہ نظر ايندو آهي،

## مَدَني وصِيتون

اَميرِ اَهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ پنهنجي تصنيف ”غيبت جون تباهه ڪاريون“

جي صَفحي نمبر 112 تي لکن ٿا: مون کي جيڪو ڪوئي گار ڏئي، برو ڀلو چئي (غيبتون ڪري) زَخمي ڪري يا ڪنهن بہ طرح دل آزاري جو سبب بڻجي مان ان کي اللہ پاڪ جي رضا لاءِ اڳ ۾ ئي معاف ڪري چڪو آهيان، مونکي ستائڻ وارن کان ڪو اِنتِقام(بدلو) نہ وٺي فرض ڪيو تہ ڪو مون کي شَهِيد ڪري تہ منهنجي طرفان منهنجا حق ان کي مُعَاف آهن، وَارِثن کي بہ دَرخواست آهي تہ انکي پنهنجا حق مُعاف ڪن (۽ مُقدمو وغيره بہ نہ ڪن) جيڪڏهن سَرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي شَفاعت جي صدقي مَحشَر ۾ خصوصي ڪرم ٿيو تہ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي قَاتل يعني مون کي شَهيد ڪرڻ واري کي بہ جنّت ۾ وٺي ويندس شرط هي آهي تہ ان جو خاتمو ايمان تي ٿيو هجي، جيڪڏهن منهنجي شَهادت ٿئي تہ ان جي ڪري ڪنهن قسم جو فَساد ۽ هَڙتالون نہ ڪيون وڃن، جيڪڏهن هَڙتَال ان جو نالو آهي تہ ماڻهن جا ڪاروبار زَبردستي بند ڪرايا وڃن ۽ پڻ دڪانن ۽ گاڏين تي پٿراؤ وغيره ٿئي تہ ماڻهن جي اهڙين حَق تَلفِين کي ڪوبہ مُفتيءِ اِسلام جَائِز نٿو چئي سگهي، اهڙي طرح جي هَڙتال حَرام ۽ جهنّم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي، هن طرح جو جَذبَاتي قدم کڻڻ سان دين ۽ دنيا جي نُقصان کان سواءِ ڪجھ بہ حاصل ناهي ٿيندو. عُمُومًا هَڙتال ڪرڻ وارا جلد ئي ٿڪجي پوندا آهن ۽ بالآخر اِنتظاميہ جي قابو ۾ اچي ويندا آهن.

**ضَروري وَضاحت**: مُسلمان جي قتل ۾ شرعًا ٽي حق آهن ﴿1﴾ اللہ جو حق ﴿2﴾ مَقتُول جو حق ﴿3﴾ وارثن جو حق، مَقتُول جيڪڏهن زندگي ۾ اڳواٽ ئي معاف ڪيو هجي تہ صرف ان جو حق معاف ٿيندو اللہ جي حق کان ڇوٽڪاري جي لاءِ سچي توبہ ڪري، وارثن جي حق جو تعلق صرف وارثن سان آهي هو چاهن تہ معاف ڪن چاهن تہ قِصاص وٺن، جيڪڏهن دنيا ۾ مُعافي يا قِصاص جي ترڪيب نہ بڻجي تہ قيامت جي ڏينهن وارث پنهنجي حق جو مطالبو ڪري سگهن ٿا.

صدقہ پیارے کی حیا کا کہ نہ لے مجھ سے حساب    بخش بے پوچھے لجائے کو لجانا کیا ہے

**مختصر وضاحت**: يعني اي رب ڪريم! توکي تنهنجي پياري حبيب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي شرم ۽ حيا جو واسطو! مون کان حساب ڪتاب نہ وٺ بلڪ پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان بغير حساب ۽ ڪتاب جي ئي مون کي بخشي ڇڏ ڇو تہ جيڪو پهريان ئي پنهنجي گناهن تي شرمنده هجي ان جو حساب وٺي ڪري ان کي وڌيڪ شرمندا ڪرڻ کان ڇا حاصل ٿيندو.

سيني **اسلامِي ڀائرن** ۽ اسلامي ڀينرن کي نماڻو عرض ڪيان ٿو تہ جيڪڏهن مون توهان مان ڪنهن جي **غِيبت** ڪئي هجي، تُهمت هنئي هجي، دڙڪا ڏنا هجن، ڪنهن بہ طرح سان دل آزاري ڪئي هجي مونکي مُعاف مُعاف ۽ مُعاف فرمائي ڇڏيو. دنيا ۾ وڏي ۾ وڏو **حَقُّ العَبد** جنهن جو تَصوُّر ڪري سگهجي ٿو فرض ڪيو تہ اهو مون اوهان جو ضايع ڪيو آهي، اهو بہ ۽ ننڍي کان ننڍو حق بہ جيڪو ضَايع ڪيو هجي ان کي بہ معاف ڪري ڇڏيو ۽ عَظيم ثواب جا حَقدار بڻجو. هٿ ٻڌي ڪري مدني اِلتِجَا آهي تہ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو دل جي گهراين سان چئو: ”مون **الله پاڪ** جي لاءِ **محمد اِليَاس عَطّار قَادري رَضوي** کي معاف ڪيو.“

جنهن جو مون تي قرض هجي يا مان ڪا شيء عارضي طور ورتي هجي ۽ واپس نہ ڪئي هجي تہ هو **دعوتِ اسلامي** جي مرڪزي مَجلسِ شُوريٰ جي نگران ڏانهن رجوع ڪري، **جيڪڏهن وُصُول** ڪرڻ نہ ٿو چاهي تہ **الله ڪريم** جي رضا جي لاءِ معاف ڪري آخرت جي ثواب جو حقدار بڻجي. جيڪي ماڻهو منهنجا مَقرُوض آهن انهن کي مان پنهنجا تمام ذاتي قرض معاف ڪيا، ياالٰهي

تُو بے حساب بخش کہ ہیں بے حساب جُرم دیتا ہوں واسِطہ تجھے شاہِ حجاز کا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! شعبان المعظم جو مهينو جاري ۽ ساري آهي ۽ عنقريب شبِ براءت اچڻ واري آهي. شبِ براءت نهايت اهم رات آهي، تنهنڪري ڪٿڙي صورت ۾ به هن ڪي غفلت ۾ نہ گزارڻ گهرجي چوتہ هن رات رحمتن جي خوب برسات ٿيندي آهي. هن مبارڪ رات ۾ الله پاڪ"بني ڪلب"جي ٻڪرين جي وارن ڪان به وڌيڪ ماڻهن ڪي جهنم ڪان آزاد فرمائيندو آهي. ڪتابن ۾ لکيل آهي"بني ڪلب جو قبيلو" عرب جي قبيلن مان سڀ ڪان وڌيڪ ٻڪريون پاليندو هو .(مرقاة المفاتيح،375/3)

هاءِ!افسوس ڪجهہ بدنصيب اهڙا بہ آهن جن تي شبِ براءت يعني ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ واري رات بہ نہ بخشيو وڃڻ جي وعيد آهي. جيئن تہ

حضرت سيدنا امام بَيهَقِي شافعي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه "فضائل الاوقات"۾ نقل ڪن ٿا: رسول اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي: 6 ڇهن ماڻهن جي ان رات بہ بخشش نہ ٿيندي.(1) شراب جو عادي، (2) ماءُ پيءُ جو نافرمان، (3) بدڪاري جو عادي، (4) رشتي دارن سان) تعلق ٽوڙڻ وارو، (5) تصوير ٺاهڻ وارو(اهو حڪم ڊيجيٽل تصويرن جو ناهي. انهن جو پرنٽ اوٽ ناهي ڪيو ويندو بلڪ ان مان مراد جاندار جون اهي تصويرون آهن جيڪي پرنٽڊ ٿين) ۽ (6) چغل خور(فضائل الاوقات 130/1،حديث 27) تہ پوءِ شبِ براءت جي اچڻ ڪان پهريان بلڪ اڄ ۽ هاڻي ئي انهن تمام گناهن ڪان سچي توبهہ ڪري ونو. جيڪڏهن ماڻهن جا حق دٻايا آهن تہ توبهہ سان گڏوگڏ انهن ڪان معافي بہ گهري ونو.

## امام اهلسنت رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو پيغام سيني مسلمانن جي نانءُ

اعليٰ حضرت، امام اهلسنت مولانا شاهہ امام احمد رضا خانرَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پنهنجي هڪ ارادتمند(يعني مريد) کي شبِ براءت ڪان پهريان توبهہ ۽ معافي تلافي جي تعلق سان پنهنجي هڪ مڪتوب شريف ۾ لکن ٿا: شبِ براءت قريب آهي، هن رات ۾ سيني ٻانهن جا عمل الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ پيش ٿيندا آهن. الله پاڪ حضورِانورصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي طفيل مسلمانن جا گناهہ معاف فرمائيندو آهي پر ڪجهہ(ماڻهن کي معاف ناهي فرمائيندو) انهن مان اهي بہ مسلمان

جيڪي پاڻ ۾ دنياوي سبب جي ڪري رنجش رکن ٿا، فرمائيندو آهي: ”انهن کي ڇڏي ڏيو، جيستائين پاڻ ۾ صلح نہ ڪن.“تنهنڪري اهلسنّت کي گهرجي تہ جيتري قدر ممڪن هجي غروبِ آفتاب کان پهريان 14 شعبان پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي معاف ڪن. هڪٻئي جا حق ادا ڪن يا معاف ڪرائي وٺن جو بِاِذنِہ تعالٰي حقوق العباد کان اعمال نامہ خالي ٿي ڪري الله پاڪ جي بارگاھ ۾ پيش ٿين. حقوقِ مولا تعالٰي جي لاءِ سچي توبھ ڪافي آهي. (حديث پاڪ ۾ آهي) اَلتَّائِبُ مِنَ الذَّنْبِ كَمَنْ لَّا ذَنبَ لَهٗ (يعني گناہ کان توبھ ڪرڻ وارو ايئن آهي جڻ ان گناھ ڪيو ئي ناهي. (ابن ماجه حديث 4250) اهڙي حالت ۾ بِاِذنِہ تعالٰي ضرور هن رات ۾ مغفرت جي پڪي اميد آهي بس عقيدو درست هجڻ شرط آهي وَهُوَ الْغَفُوْرُ الرَّحِيْم (۽ اهو گناھ مٽائڻ وارو رحمت فرمائڻ وارو آهي)

هي سپ مصَالَحَتِ اِخوان (يعني ڀائرن ۾ صلح ڪرائڻ) ۽ حقن جي معافي بِحَمْدِہٖ تعالٰي هتي ڪيئي سالن کان جاري آهي، اميد آهي تہ توهان بہ اتي جي مسلمانن ۾ هن کي جاري ڪري مَنْ سَنَّ فِي الْاِسْلَامِ سُنَّةً حَسَنَةً فَلَهٗ اَجْرُهَا وَاَجْرُ مَنْ عَمِلَ بِهَا اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ لَا يَنْقُصُ مِنْ اُجُوْرِهِمْ شَيْءٌ (يعني جيڪو اسلام ۾ چڱي راھ ڪڍي ان جي لاءِ ان جو ثواب آهي ۽ قيامت تائين جيڪي ان تي عمل ڪن انهن سمورن جو ثواب هميشہ ان جي اعمال نامي ۾ لکيو ويندو بغير ان جي جو انهن جي ثوابن ۾ ڪمي اچي) جا مصداق ٿين ۽ هن فقير جي لاءِ دنيا ۽ آخرت ۾ معافي ۽ سلامتي جي دعا ڪريو. فقير توهان جي لاءِ دعا ڪري ٿو ۽ ڪندو. سڀني مسلمانن کي سمجهايو وڃي تہ اتي(يعني بارگاھ الٰهي ۾) نہ خالي زبان ڏٺي ويندي آهي نہ نفاق پسند آهي، صلح ۽ معافي سڀ سچي دل سان هجي. وَالسلام (ڪليات مڪاتيب رضا،1/ص356 کان 357)

## ٻي رڪاوٽ: غُصو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معاف ڪرڻ ۾ هڪ رڪاوٽ غُصّو (ڪاوڙ) بہ آهي. غُصّو هڪ اهڙو مُوذِي مَرَض آهي جيڪو انسان کي مُعاف ڪرڻ تي آمادو ٿيڻ ئي ناهي ڏيندو، غصي وارو شخص پنهنجي ضِد تي اَڙيل رهندو آهي تہ فُلاڻي

منهنجي گهٽي دل ڏکائي آهي تنهنڪري ان کي مُعاف ڪرڻ جو سُوال ئي پيدا نٿو ٿئي. اهڙن جي خدمت ۾ عَرض آهي تہ غَلَطيون انسان کان ئي ٿينديون آهن، تنهنڪري ننڍين ننڍين ڳالهين تي غُصّو ڪرڻ چڱي ڳالھ نہ آهي، مجيوسين تہ فلاڻي شخص اسان جو گهٽي دل ڏکايو هوندو پر ياد رهي! جيڪڏهن اسان بدلو وٺڻ تي قُدرت هوندي بہ ان کي مُعاف ڪنداسين تہ اللہ پاڪ بہ مُعاف ڪندو. اچو! تَرغِيب جي لاءِ هڪ اِيمان افروز حڪايت ٻڌو ۽ پنهنجي اندر مان ناجائز غُصّي جي عادت ڪڍي اللہ پاڪ جي رضا حاصِل ڪريو،

## لوڻ وڌيڪ وجهي ڇڏيو

شيخِ طريقت،اميرِ اَهلسنّت حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادِري رَضوِي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي رِسالي **"غُصّي جو علاج"** جي صَفحي نمبر18 تي لکن ٿا: فرمائن ٿا تہ هڪ شخص جي گهرواريءَ ڀاڄيءَ ۾ لوڻ گهڻو وجهي ڇڏيو. ان کي ڪاوڙ گهڻي آئي پر اهو سوچيندي هو غصي کي پي ويو تہ مان بہ تہ خطائون ڪندو رهندو آهيان، جيڪڏهن اڄ مون گهرواريءَ جي خطا تي سختيءَ سان پڪڙ ڪئي تہ ڪٿي ائين نہ ٿئي جو سڀاڻي قيامت جي ڏينهن **اللہ** عَزَّوَجَلَّ بہ منهنجي خطائن تي پڪڙ فرمائي. پوءِ ان دل ئي دل ۾ پنهنجي گهرواريءَ جي خطا مُعاف ڪري ڇڏي، انتقال کان پوءِ ان کي ڪنهن خواب ۾ ڏسي پُڇيو: **اللہ** عَزَّوَجَلَّ توهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ ان جواب ڏنو، گناهن جي ڪثرت سبب عذاب ٿيڻ وارو ئي هو تہ **اللہ** عَزَّوَجَلَّ فرمايو: منهنجي ٻانهيءَ ڀاڄيءَ ۾ لوڻ گهڻو وجهي ڇڏيو هو ۽ تو ان جي خطا معاف ڪئي هئي، وڃ مان بہ ان جي بدلي ۾ توکي اڄ مُعاف ڪريان ٿو.

(غصے کا علاج،ص۱۸)

رَحمت دَا دَریا اِلٰہی ہر دَم وَگدا تیرا
جے اِک قطرہ بخشیں مینوں کم بَن جاوے میرا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ٽئين رڪاوٽ: عِلمِ دِين ۽ چڱي صحبت کان دوري

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معاف ڪرڻ ۾ هڪ رُڪاوٽ عِلمِ دين ۽ چڱي صحبت کان دوري به آهي. جيڪو ڀانهو عِلمِ دين جي دَولت ۽ چڱي صحبت جي بَرَڪتن کان محروم هوندو آهي عموماً اهڙي شخص کي مُعاف ڪرڻ جي سعادت کان محروم ڪرڻ شيطان جي لاءِ آسان ٿي ويندو آهي. اڄوڪي دور ۾ عاشقانِ رسول جي مَدَني تحريڪ دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول اسان جي اڳيان ڪليل ڪتاب وانگر آهي. اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن ماحول سان وابسته ٿيڻ جي برڪت سان اسان کي اهي به نعمتون مُيسَّر ٿي سگهن ٿيون. تنهنڪري اوهان به عِلمِ دين جي دَولت ماڻڻ ۽ چڱي صُحبت جي فيضان سان مالا مال ٿيڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابسته رهو، سُنّتن ڀري اِجتماع ۽ مَدَني مذاڪرن ۾ پابندي سان شرڪت ڪريو، مڪتبة المدينه تان جاري ٿيڻ وارن ڪتابن ۽ رسالن جو مطالعو ڪريو، مَدرَسة المدينه بالِغان ۾ پڙهو يا پڙهايو، مَدَني دَرْس ۽ چوڪ دَرس ڏيو يا ان ۾ شرڪت فرمايو، مَدَني اِنعامات جو رِسالو ڀريو، مَدَني قافِلن ۾ سفر ڪريو. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ آهستي آهستي دل ۾ مُعاف ڪرڻ ۽ معافي گهرڻ جو جذبو بيدار ٿي ئي ويندو.

يہاں سُنّتیں سیکھنے کو ملیں گی دِلائے گا خوفِ خُدا مَدَنی ماحول
تو آ بے نمازی، ہے دیتا نمازی خدا کے کرم سے بنا مَدَنی ماحول
گنہگارو آؤ، سیہ کارو آؤ گناہوں کو دیگا چُھڑا مَدَنی ماحول
پلا کر مئے عشق دیگا بَنا یہ تمہیں عاشقِ مُصطفٰے مَدَنی ماحول

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مجلسِ وُڪلاء

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جتي ڪم و بيش 104

شُعبن ۾ دِينِ اسلام جو مدني پَيغام عام ڪري رهي آهي، اتي ”وَڪالت“ (Advocacy) سان وابستہ ماڻھن ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي لاءِ ”مَجلِسِ وڪلا“ جي ذَرِيعي انھن کي دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابستہ ڪندي، هن مَدَني مَقصَد ”مون کي پنھنجي ۽ سڄي دُنيا جي ماڻھن جي اِصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي۔ اِنْ شَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ“ جي مُطابِق زِندگي گُذارڻ ۽ فڪرِ آخِرت جو مَدَني ذِهن ڏيڻ ۾ مصروفِ عمل آهي. هن شعبي جي عاشقانِ رسول جي گھرن، دفترن، بار ايسوسي ايشن وغيره ۾ وقت بوقت "مدني حلقن" جو سلسلو ٿيندو رهندو آهي، هن شعبي جا عاشقانِ رسول هفتيوار اجتماع ۽ مدني مذاڪري ۾ بہ شرڪت جي سعادت حاصل ڪن ٿا. مجلس مدرسة المدينہ بالغان جي ڪوشش سان هن شعبي سان وابستہ اَفراد کي بہ "تعليمِ قرآن" جي روشني سان منورڪرڻ جي لاءِ مدرسة المدينہ بالغان جي ترڪيب ٿيندي آهي، جنھن ۾ قرآنِ ڪريم جي تعليم في سبيل اللّٰہ ڏني ويندي آهي. اللّٰہ تعاليٰ مجلسِ وڪلاء کي وڏيڪ ترقيون نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

مقبول جہاں بھر میں ہو دعوتِ اسلامی
ہر لب پہ دعا آئی فَیضانِ مدینہ میں

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## بَيان جو خُلاصو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ جي سُنّتن ڀري بيان ۾ اسان ٻڌو تہ

- مُعاف ڪرڻ وارا اللّٰہ ڪريم جا محبوب آهن.
- مُعاف ڪرڻ وارن کي بخشش جي خوشخبري عطا ڪئي ويندي آهي.
- مُعاف ڪرڻ وارن جو حساب آساني سان ورتو ويندو.
- مُعاف ڪرڻ وارا بِلا حساب جنّت ۾ داخل ٿيندا.
- ماڻھن جي غَلَطين کي مُعاف ڪرڻ وارن جون خطائون بروزِ قيامت

مُعاف ڪيون ويندين.

- ❖ الله وارا نَفس جي خاطِر غُصّو نٿا ڪن.
- ❖ الله وارا تڪليف ڏيڻ وارن کي بہ دعائن سان نوازين ٿا.
- ❖ الله وارا پنهنجا حق معاف ڪندا آهن.
- ❖ ٻانهن جا حق ضائع ڪرڻ وارا بروزِ قِيامت پنهنجن نيڪين کان محروم ڪيا ويندا.
- ❖ تڪبّر ۽ غُصّو معاف ڪرڻ ۾ تمام وڏيون رڪاوٽون آهن.
- ❖ عِلم حاصل ڪرڻ ۽ چڱي ماحول جي بَرَڪت سان مُعاف ڪرڻ جو ذهن نصيب ٿيندو آهي.

الله ڪريم پنهنجن ولين جي صدقي اسان کي بہ مُعاف ڪرڻ جو جذبو نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِی الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.(1)

سنّتیں عام کریں دین کا ہم کام کریں نیک ہوجائیں مسلمان مدینے والے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

1...مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،٩٧/١،حديث:١٧٥

## ننهن ڪٽڻ جون سنتون ۽ آداب

اچو! شيخ طريقت امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي ''101مدني گل'' مان ننهن ڪٽڻ جون سنتون ۽ آداب ٻڌون ٿا. ❀ جمعي جي ڏينهن ننهن ڪٽڻ مستحب آهن. ها جيڪڏهن وڌي ويا هجن ته جمعي جو انتظار نه ڪريو. (درمختار ج 9 ص 668) صدرُالشَّريعہ، بدرالطَّريقہ مفتي محمد امجد علي اعظمي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ القوي بهار شريعت، جلد 3 ص 583 ۾ فرمائن ٿا: منقول آهي: ''جيڪو جمعي جي ڏينهن ننهن ڪٽي الله تعاليٰ اُن کي ٻئي جمعي تائين مصيبتن کان محفوظ رکندو ۽ ٽي ڏينهن وڌيڪ يعني ڏهه ڏينهن تائين. هڪ روايت ۾ هي به آهي ته جيڪو جمعي جي ڏينهن ننهن ڪٽي ته رحمت نازل ٿيندي ۽ گناهه ڇڻندا. (درمختار و ردالمحتار ج 9 ص 668) ﴿2﴾ هٿن جا ننهن ڪٽڻ جي منقول طريقي جو خلاصو پيش خدمت آهي: پهرين ساڄي هٿ جي شهادت واري آڱر کان شروع ڪري ترتيبوار چيچ سميت ننهن ڪٽيا وڃن پر آڱوٺو ڇڏيو وڃي، هاڻي کٻي هٿ جي چيچ کان شروع ڪري ترتيبوار آڱوٺي سميت ننهن ڪٽيو، پوءِ هاڻي آخر ۾ ساڄي هٿ جي آڱوٺي جو ننهن ڪٽيو وڃي. (درمختار ج 9 ص 670، احياءُ العلوم، ج 1، ص 193) ﴿3﴾ پيرن جي ننهن ڪٽڻ جي ڪا ترتيب منقول ناهي. بهتر اهو آهي ته ساڄي پير جي چيچ کان شروع ڪري ترتيبوار آڱوٺي سميت ننهن ڪٽيو پوءِ کابي پير جي آڱوٺي کان شروع ڪري چيچ سميت ننهن ڪٽيو. (درمختار، ج 9 ص 670) ﴿4﴾ جنابت جي حالت (يعني غسل فرض ٿيڻ جي صورت) ۾ ننهن ڪٽڻ مڪروهه آهي. (فتاويٰ عالمگيري ج 5 ص 358) ﴿5﴾ ڏند سان ننهن ڪٽڻ مڪروهه آهي ۽ ان سان برص (يعني ڪوڙهه) جي بيماري ٿيڻ جو انديشو آهي. (ايضًا) ﴿6﴾ ننهن ڪٽڻ کان پوءِ انهن کي دفن ڪري ڇڏيو ۽ جيڪڏهن اڇلائي ڇڏيو ته به حرج ناهي.

(فتاويٰ هنديه، ۵ /۳۵۸)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مكتبة المدينه** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهار شريعت**" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتيں ۽ **آداب**" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

خُوب خُود داریاں، اور خوش اخلاقیاں آیئے سیکھ لیں، قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

### (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

### (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا

---

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

ويندا آهن.[1]

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللّٰهِ الهَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[4]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

[2]...افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[3]...القول البديع، الباب الاول، ص125

[4] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## (2) چڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو چڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] … مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب فی ڪيفية الصلاة…الخ،254/10،حديث:17305